۱۱ اوم شري پَرِماتِمَني نَمَهَ ۱۱

اَٿ ٿودَشو ڌيايَهَ

يوگيشور ڀڳوان شري ڪرشڻ جي سوال ظاهر ڪرڻ جي پنهنجي خاص شئلي آهي. پهري هو پرسنگ جي خاصيتن جو بيان ڪن ٿا، جنهن سان پرش هن جي طرف آڪرشت ٿين، تنهن ڪان پوءِ اُن پرسنگ، اُن وشيه، اُن ڳالهه کي پڌرو ڪن ٿا. مثال لاءِ ڪرم کي کڻون، هنن ٻئين اڌياءَ ۾ ئي اُتساهه ڏنو ته ارجن! ڪرم ڪر. ٽئين اڌياءَ ۾ اُنهن ظاهر ڪيو ته مقرر ڪرم ڪر. نرڌارت ڪرم آهن ڇا؟ ته ٻڌايائون يگيه جي پرڪريا ئي ڪرم آهي. پوءِ اُنهن يگيه جو سوروپ نه ٻڌائي پهرين ٻڌايو ته يگيه آيو ڪٿان ۽ ڏئي ڇا ٿو؟ چوٿين اڌياءَ ۾ تيرهن چوڏهن وِڌِيُن سان يگيه جو سوروپ پڌرو ڪيو، جنهن کي ڪرڻ ڪرم آهي. هتي ڪرم صاف پڌرو هوندو آهي، جنهنجو شڌ ارٿ آهي يوگ چنتن، آراڌنا، جو من ۽ اندرين جي ڪريا سان پريل ٿئي ٿو، سمپن ٿئي ٿو.

اهڙيءَ طرح هنن اڌياءَ نائين ۾ دَئوي ۽ آسري سمپد جو نالو ورتو. اُن جي خاصيتن تي زور ڏنو ته ارجن! آسُري سڀاءَ وارا مونکي تڇ چئي پڪاريندا آهن. آهيان ته مان به منش شرير جي آڌار وارو ڇاڪاڻ ته منش شرير ۾ ئي مونکي هيءَ اسٿتي ملي آهي، پر آسُري سڀاءَ وارا، موڙهه سڀاءَ وارا منهنجو ڀڄن نٿا ڪن، جڏهن ته دَئوي سمپد سان ڀرپور ڀڳت ڄَڻَ اننِيه شرڌا سان منهنجي اُپاسنا ڪن ٿا. پر انهن سمپتين جو سوروپ، اُنجو گڻن اڃا تائين نه ٻڌايو

ويو. هاڻي هن اڌياءَ سورهين ۾ يوگيشور، اُنجو سوروپ پڌرو ڪري رهيو آهي، جن مان ٻڌايان ٿو ڀهرين دئوي سمپد جا لڪشڻ

श्रीभगवानुवाच

अभयं सत्त्वसंशुद्धिर्ज्ञानयोगव्यवस्थितिः।
दानं दमश्च यज्ञश्च स्वाध्यायस्तप आर्जवम्।।१।।

شري ڀڳوان اُواچ

’’اَڀَيَمِ سَتوَسَنشڌِرِ گِيانَيوگويَوَسِٿتِجهَه
دانَمِ دَمَشچه يَگيَشچه سِواڌِيايَسِتَپَ آرِجوَمِ ‘‘ (١)

ڀَيه جو بلڪل اَڀاوَ، انتهڪرڻ جي شڌتا، تَتوَ گيان جي لاءِ ڌيان ۾ درڊ استٿتي يا لڳاتار لڳن، سڀ ڪجهه سمرپڻ، اندرين جو چڱي طرح جيتڻ، يگيه جو آچرڻ (جيئن پاڻ شري ڪرشڻ چوٿين اڌياءَ ۾ ٻڌايو آهي، سَنيَمِ جي اگني ۾ هَوَن) اندرين اگنيءَ هَوَن، پراڻ -اَپان ۾ هَوَن ۽ انت ۾ گيان اگني ۾ هَوَن معنيٰ آراڌنا جي پرڪريا اُتساهه ، لڳن، جيڪا فقط من ۽ اندرين جي انتهه ڪِريا سان پوري ٿيندي آهي. تِرَ، جَوَ، ويدي وغيره سامگرين سان ٿيندڙ يگيه جو هن گِيتا ۾ چيل يگيه سان ڪوئي سنٻنڌ نه آهي. شري ڪرشڻ اهڙي ڪنهن ڪرم ڪانڊ کي يگيه نه مڃيو) سواڌيايه معنيٰ سِوَ- سروپ طرح اتساهه ڏيڻ وارو اَڌيين، تپ ارٿات من سهت اندرين کي اِشٽ جي شڌ روپ ۾ ڍالڻ ۽ ’’آرِجوَمِ‘‘ شرير ۽ اندرين سهت انتهڪرڻ جي سرلتا.

अहिंसा सत्यमक्रोधस्त्यागः शान्तिरपैशुनम्।
दया भूतेष्वलोलुपत्वं मार्दवं ह्रीरचापलम्।।२।।

’’اهنسا سَتِيَمَڪِروڌسيتيا گَهه شانتِيرِ پَئِيِشُنَمِ

دَيا ڀُوُتيشِوَ لو لُپتوَمِ مارِدَوَمِ هيرِ رَچاپَلَمِ '' (٢)

اهنسا ارٿات آتما جو اُڌار (آتما کي اڌوگتيءَ ۾ پهچائڻ ئي هنسا آهي. شري ڪرشڻ چون ٿا جيڪڏهن مان ساوڌان ٿي ڪرم نہ وَرتان (ڪريان) تہ ان سمپورڻ پرجا جو مارڻ وارو ۽ ورڻسنڪر جو ڪرتا ٿيندس. آتما جو شُڌُ وَرڻُ آهي پرماتما، اُنجو پرڪرتيءَ ۾ پئڪڻ ورڻ سنڪر آهي، آتما جي هِنسا آهي ۽ آتما جو اُڌار ئي اَهنسا آهي) ستيہ (ستيہ جو ارٿ يٿارٿ ۽ پريہ ڀاشڻ ڪونہ آهي. توهين چئو ٿا، هيءُ وستر منهنجو آهي تہ ڇا توهين سچ ٿا ڳالهايو؟ ان ڪان وڌو ڪوڙ ٻيو ڇا هوندو؟ جڏهن شرير ئي تنهنجو ڪونهي ناسونت آهي تہ اُن کي ڍڪڻ جو وستر ڪڏهن تنهنجو ٿيو؟ حقيقت ۾ ستيہ جو سوروپ يوگيشور پاڻ ٻڌايو آهي تہ ارجن! ست وستوءَ جو ٽنهي ڪالن ۾ ڪڏهن اڀاوُ نٿو ٿئي. هي آتما ئي ستيہ آهي، اهو پرم ستيہ آهي هن ستيہ تي درشٽي رکڻ) ڪروڌ جو نہ هئڻ، سڀ جو سمرپڻ، شڀ اشڀ ڪرم ڦلن جو تياڳہ، چت جي چنچلتا جو هر طرح اڀاوُ، لڪشيہ جي اُبتڙ نندا وارين ڪارين کي نہ ڪرڻ، سمپورڻ پراڻين ۾ ديا ڀاوُ، اندرين جو وشين سان سنجوڳہ هئڻ تي بہ اُن ۾ آسڪتيءَ جو اَڀاوُ، ڪوملتا پنهنجي لڪشيہ کان مکہ موڙڻ ۾ لڄ، اڃاين ڪوشش جو اڀاوُ ۽

तेज: क्षमा धृति: शौचमद्रोहो नातिमानिता।
भवन्ति सम्पदं दैवीमभिजातस्य भारत।।३।।

''تيجہ ڪشما ڌِرتيہَ شَئوُ چَمَدِروهوناتِمانِتا
ڀَوَنِتي سَمِپَدَمِ دَئِويمَڀِجاتَسيَہ ڀارت '' (٣)

تيج (جو صرف هڪ ايشور ۾ آهي، هن جي تيج سان

جو ڪاريہ ڪري ٿو. مهاتما ٻُڌ جي درشٽي پونديءَ انگوليمل جا ويچار بدلجي ويا، اهو ان تيج جو ئي ڦل آهي، جنهن مان ڪلياڻ جو سِرجن ٿئي ٿو، جو ٻُڌ ۾ هو) ڪميا، ڌيرج، شُڌي، ڪنهن ۾ دشمنيءَ جو ڀاوُ نہ هئڻ، پاڻ ۾ پوڄائڻ جي ڀاوَ جو بلڪل اڀاوُ هي سڀ تہ آهن ارجن! دَئوي سمپد جو پراپت پرش جا لڪشڻ آهن. ان طرح ڪُل ڇويهہ لڪشڻ ٻڌايائون، جي سڀ جا سڀ تہ ساڌنا ۾ پڇي راس ٿيل اوسٿا واري پرش ۾ ممڪن آهن ۽ انش جي روپ ۾ توهان ۾ بہ پڪ آهن ۽ آسُري سمپد سي پريل منشن ۾ بہ هي گڻ آهن، پر دٻيل آهن تڏهن تہ گهور پاپيءَ کي بہ ڪلياڻ جو اڌڪار آهي. هاڻي آسُري سمپد جا مکيہ لڪشڻ ٻڌائين ٿا:

दम्भो दर्पोऽभिगानश्च क्रोधः पारुष्यमेव च।
अज्ञानं चाभिजातस्य पार्थ सम्पदमासुरीम्।।४।।

”دَمڀو دَرپو ڀماڻِشچہ ڪروڌهہ پارُشيَميوَ چہ
اَگياڻَمِ چا ڀِجاتَسيَہ پارٿ سَمپَدَماسُريِمِ “ (۴)

هي پارٿ ! پاکنڊ، گهمنڊ، ايمان، ڪروڌ، ڪٺور واڻي ۽ اگيان هي سڀ آسُري سمپد کي پراپت ٿيل پرش جا لڪشڻ آهن. ٻنهي سمپدائن جو ڪاريہ ڇا آهي؟

दैवी सम्पद्विमोक्षाय निबन्धायासुरी मता।
मा शुचः सम्पदं दैवीमभिजातोऽसि पाण्डव।।५।।

”دَئوي سَمپَدَ وِموڪشايَہ نِبَنڌاياسُري مَتا
ما شُچَهہ سَمپَدَمِ دَئويمَڀِجا توسي پاندوَ “ (۵)

هنن ٻنهي پرڪارن جي سمپدائن مان دَئوي سَمپَدَ تہ ”وموڪشايہ“ خاص موڪش جي لاءِ آهي ۽ آسُري سَمپَدا ٻنڌن لاءِ مڃي ويئي آهي. هي ارجن! تون شوڪ نہ ڪر،

چاڪاڻ تون ڏَئوي سَمِپَدا کي پراپت ٿيو آهين. خاص مڪتيءَ کي پراپت ٿيندين ارٿات مونکي پراپت ٿيندين. اُهي سمپدائون رهن ڪٿي ٿيون.

द्वौ भूतसर्गौ लोकेऽस्मिन्दैव आसुर एव च।
दैवो विस्तरशः प्रोक्त आसुरं पार्थ मे शृणु।।६।।

دِوَئُو ڀُوت سَرِگَئُو لوڪيِسمِنِدَتيِوَ آسُرَ ايوَچَ
(٦) ڏَئيوو وِستَرَشَهَ پروڪِتَہ آسُرَمِ پارٿ مي شِرِڻُو

هي ارجن! هن لوڪ ۾ ڀوتن جو سيِاءُ ٻن پرڪارن جو ٿيندو آهي. ديون جهڙا ۽ اَسُرن جهڙا. جڏهن هرديہ ۾ دئوي سمپد ڪاريہ جو روپ وٺندا آهن تہ منش ئي ديوتا آهي ۽ جڏهن آسُري سمپد وڌيڪ هجي، گهڻو هجي تہ منش ئي اسُر آهي. سرشٽيءَ ۾ هي ٻہ ئي جاتيون آهن. هو چاهي عرب ۾ پيدا ٿيو هجي، چاهي آسٽريليا ۾ ، ڪٿي بہ پيدا ٿيو هجي. پر آهن انهن ٻنهي مان ئي. اڃا تائين ديون جو سڀاءُ ئي وستار سان چيو ويو، هاڻي اَسُرن جي سڀاءَ کي مونکان وستار پوروڪ ٻڌ.

प्रवृत्तिं च निवृतिं च जना न विदुरासुराः।
न शौचं नापि चाचारो न सत्यं तेषु विद्यते।।७।।

”پِرَوِرِتِمِ چَہ نِوِرِتَم چَہ جَنا نہ وِدُراسُراهہ
(٧) نَہ شَئَوَچِمِ ناپِي چاچارو نہ سَتِيَمِتيشوُ وِدِيتي

هي ارجن ! آسُري لوڳہ ”ڪاريِم ڪَرِم“ ۾ پرورت ٿيڻ ۽ اڪرتويہ ڪاريہ کان نِورت ٿيڻ بہ نا ڄاڻن تنهنڪري اُنهن ۾ نہ شڌي ٿي رهي نہ آچرڻ ۽ نہ ستيہ ئي رهي ٿو. اُنهن پرشن جا ويچار ڪهڙا ٿيندا آهن؟

असत्यमप्रतिष्ठं ते जगदाहुरनीश्वरम्।
अपरस्परसम्भूतं किमन्यत्कामहैतुकम्।।८।।

”آسَتِيَمَپرَتِشٽَمِ تي جَگَدا هُرَنيِشوَرَمِ
آپَرِسپَرَ سَمڀوُ تَمِ ڪِمَنيَتِڪا مهَئيِتُڪَمِ (٨)

هو آسري پرڪرتيءَ وارا منش چون ٿا تہ جڳت آڌار
ڪان رهت آهي، جيڏانهن تيڏانهن ڪوڙ آهي ۽ بنا
ايشور جي پنهنجو پاڻ استري ۽ پرش جي ميلاپ مان
اُتپن ٿيو آهي. تنهنڪري فقط ڀوڳن کي ڀوڳڻ لاءِ آهي،
ان ڪانسواءِ ٻيو ڇا آهي؟

एतां दृष्टिमवष्टभ्य नष्टात्मानोऽल्पबुद्धय:।
प्रभवन्त्युग्रकर्माण: क्षयाय जगतोऽहिता:।।९।।

”ايتامِ دِرِشٽَمَوَ شٽڀيہَ نَشٽاتِمانو دِپَبُڌَيہَ
پِرَ ڀَوَ نِتيوُ گِرَ ڪَرِماڱهہَ کِشيايہَ جَگَتو هِتاهَہ (٩)

ان مٿيا، ڪوڙي درشٽيڪوڻ، ڪوڙي نظريي جي آڌار
سان جن جو سڀاءُ نشٽ ٿي چڪو آهي. اُهي مَندِ ٻُڌي،
اَپڪاري (اُپڪار نہ ڪرڻ وارا) ڪُڪرمي منش فقط جڳت
جو ناس ڪرڻ لاءِ اُتپن ٿين ٿا.

काममाश्रित्य दुष्पूरं दम्भमानमदान्विता:।
मोहाद्गृहीत्वासद्ग्राहान्प्रवर्तन्तेऽशुचिव्रता:।।१०।।

”ڪامَما شِرِتيہَ دُشِپوُرَمِ دَمِڀَما نَمدا نِوِتاهَہ
موها دِگِرِ هِيتِوا سَدِ گِراها نِپِرَ وَرِ تَنِتو شُچِورتاها (١٠)

اُهي منش پاکنڊ، ماَن ۽ نشي سان پُرُ ٿي ڪنهن بہ
پرڪار پوريون نہ ٿيڻ واريون ڪامنائن جو آسرو وٺي،
اگيان سان مٿيا سڌانتن کي گرهڻ ڪري اشڀ ۽ ڀرشٽ
ورِتَن سان ڀرپور ٿي سنسار ۾ وَرتندا آهن. هو ورت بہ
ڪن ٿا پر ڀرشٽ آهن.

चिन्तामपरिमेयां च प्रलयान्तामुपाश्रिताः।
कामोपभोगपरमा एतावदिति निश्चिताः॥११॥

''چِنتا مَپَرِ مييامِ چہَ پرَ اَيانتا مُپاشِرَتاھَہ
ڪامو پَڀو ڳپَرَما ايتا وَدِتي نِشچِتاھَہ (١١)

هو آخرين سواس تائين اننت چنتائن جي لاءِ رهن ٿا ۽ وشين کي ڀوڳڻ ۾ رُڌل هو 'بس' ايترو ئي آنند آهي- ائين مڃين ٿا. هو مڃين ٿا تہ جيترو ٿي سگهي ڀوڳ ڪنا ڪريو.ان کان اڳي ڪجهہ بہ ڪونهي.

आशापाशशतैर्बद्धाः कामक्रोधपरायणाः।
ईहन्ते कामभोगार्थमन्यायेनार्थसञ्चयान्॥१२॥

''آشا پاشَشَتَئِيرِ بَڌاهہ ڪامِ ڪروڌ پَرايَڻاھَہ
اِيهَنتي ڪامَ ڀوڳارِ ٿَمَنيا ييِنا رِٿَسَنچَياںِ (١٢)

آشا روپي سوين ڦاسين سان (هڪ ڦاسيءَ سان ئي لوڪ مري ويندا آهن، هتي سوين ڦاسين سان) ٻڌل ڪام ڪروڌ سان وشيہ پورتيءَ جي لاءِ هو انياءُ پوروڪ شاهوڪار گهڻن ئي پدارٿن کي ڪٺو ڪرڻ جي ڪوشش ڪن ٿا .هاڻي هو ڏن لاءِ رات ڏينهن اسماجڪ قدم کڻن ٿا- اڳيان ڇون ٿا- اڳيان ڇون ٿا-

इदमद्य मया लब्धमिमं प्राप्स्ये मनोरथम्।
इदमस्तीदमपि मे भविष्यति पुनर्धनम्॥१३॥

''اِدَمَدِيہَ مَيا لَبڌ مِمَمِ پراپِسِيي مَنورَٿَمِ
اِدَ مَستيِدَمَپي مي ڀَو يِشيَتي پُنَرِ ڌَنَمِ ''(١٣)

هو سوچين ٿا تہ اڄ مون هي پاتو آهي، هن منورٿ کي پراپت ڪندس. مون وٽ هيترو ڌن آهي ۽ وري ڪڏهن هيترو ٿي ويندو.

असौ मया हतः शत्रुर्हनिष्ये चापरानपि।
ईश्वरोऽहमहं भोगी सिद्धोऽहं बलवान्सुखी।।१४।।

’’آسَؤ مَيا ھَتَھہ شترُوِر ھَنِشيي چاپرانَپي
اِيشوَرو ھَمَھَمِ ڀوگِي سِڌو ھَمِ بلِوانِسُکِي (١۴)

هو شترو منهنجي دوارا ماريو ويو ۽ ٻين شترن کي ٻہ مان ماريندس. مان ئي ايشور ۽ ائشوريہ کي، عيشن کي ڀوڳڻ وارو آهيان. مان ئي سِڌين سان ڀريل، ٻلوان ۽ سکي آهيان.

आढ्योऽभिजनवानस्मि कोऽन्योऽस्ति सदृशो मया।
यक्ष्ये दास्यामि मोदिष्य इत्यज्ञानविमोहिताः।।१५।।

’’آڍيو ڀِيَجَنَوانِسمِي کونِيو سِتي سَدِرشو مَيا
يَکشيي داسِيامِي مودِشِيہَ اِتيَگِيانَوِ موهِتاھَہ (١۵)

مان وڏو ڌني ۽ وڏي ڪٽنب وارو آهيان. مون جهڙو ٻيو ڪير آهي؟ مان يگيہ ڪندس، مان دان ڏيندس، مونکي خوشي ٿيندي - ان طرح جي اگيان سان هو ڏاڍو موهت رهن ٿا. ڇا يگيہ، دان بہ اگيان آهي؟ ان تي سلوڪ سترهن ۾ صاف ڪيو آهي. ايتري هوندي بہ هو نٿا رُڪجن بلڪ انيڪ ڀرمن جا شڪار رهن ٿا. ان تي چون -

अनेकचित्तविभ्रान्ता मोहजालसमावृत्ताः।
प्रसक्ताः कामभोगेषु पतन्ति नरकेऽशुचौ।।१६।।

’’آنيڪَڇِتَوِ ڀِرانِتا موھَہ جالَسَماوِرِتاھَہ
پِرَسَڪِتاھَہ ڪامَڀوگيشوُ پَتَنِتي نَرِڪيشڇِئوُ (١٦)

انيڪ پرڪارن سان ڀرمت چت وارا، موھہ جار ۾ ڦاٿل وشيہ ڀوڳن ۾ تمام گهڻا آسڪت هو آسري سڀاءُ وارا منش اپوتر نَرڪ ۾ ڪرن ٿا. اڳيان شري ڪرشڻ پاڻ ٻڌائيندا تہ نرڪ ڇا آهي؟

आत्मसम्भाविता: स्तब्धा धनमानमदान्विता:।
यजन्ते नामयज्ञैस्ते दम्भेनाविधिपूर्वकम्।।१७।।

”آتِمَسَمڀِاوِتاهہ سِتَبڌا ڌَنَماَنَمَدا نِوِتاها
يَجَنِتي نامَيَگِيَئِيسِتي دَمڀِينا وِ ڌِيپوُرِ وَکَمِ “ (١٧)

پنهنجو پاڻ کي سريشٽ مڃڻ وارا، ڌن ۽ مان جي مَدَ ۾ پُرُ ٿي اُهي گهمنڊي منش شاستروڌيءَ کان رهت ققط نالي ماتر جي يگين دوارا پاکنڊ سان قرباني ڏيڻ روپي يگيہ ڪن ٿا. ڇا اُهي يگيہ ڪن ٿا جيڪي شري ڪرشڻ ٻڌايا آهن.

نہ، اُن وِڌيءَ کي ڇڏي ڪندا آهن، ڇاڪاڻتہ وِڌِي پاڻ يوگيشور ٻڌائي آهي (اڌياءُ ٤- ٢٤ -٣٣ تائين) ۽ اڌياءُ(٦-١٠ اکان ١٧ تائين)

अहङ्कारं बलं दर्पं कामं क्रोधं च संश्रिता:।
मामत्मपरदेहेषु प्रद्विषन्तोऽभ्यसूयका:।।१८।।

”آهنڪارَمِ بَلَمِ دَرِپَمِ ڪامَمِ ڪِروڌَمِ چہ سَنِشِرتاهہ
ماماتِمَپَرَ ديهيشوُ پِرَدِوِشَنِتو ڀِيَسوُ يڪاهہ“ (١٨)

هو ٻين جي نندا ڪرڻ واري اهنڪار، ٻل، گهمنڊ، ڪامنا ۽ ڪروڌجي وس ٿي ويل پرش پنهنجي ۽ ٻين جي شرير ۾ استٿ مون انترياميِ پرماتما سان دويش (ٻيائي، وير) ڪرڻ وارا آهن. شاستر وِڌيءَ سان پرماتما جو سمرڻ هڪ يگيہ آهي. جو ان وِڌِيءَ کي تياڳي نالي ماتر يگيہ ڪن ٿا، يگيہ جي نالي تي ڪجهہ نہ ڪجهہ ڪندا ئي رهن ٿا، اُهي پنهنجي ۽ ٻئي جي شرير ۾ استٿ مون پرماتما سان دويش ڪرڻ وارا آهن.ماڻهودويش ڪندا ئي رهن ٿا. ماڻهو ڪندا ئي رهن ٿا ۽ ٻچي، وڃن ٿا. ڇا هي بہ ٻچي

ويندا؟ ان تي چون ٿا - نہ
तानहं द्विषतः क्रूरान्संसारेषु नराधमान्।
क्षिपाम्यजस्रमशुभानासुरीष्वेव योनिषु।।१९।।
تانَهَمِ دِوِشَتَھہ ڪِرُورانِسَنِسا ريشُوُ نَراڌَمانِ
ڪِشِپا مِيَجَسِرَ مَشُوُ ڀاناسُريشويوَ يونيشُوُ (١٩)

مونسان دويش ڪرڻ وارا اُنهن پاپچاري ڪُڪرمي نراڌَمَنِ کي مان سنسار ۾ هميشه آسُري جوڻين ۾ ئي ڪيرايان ٿو. جيڪي شاستر وڌيءَ کي تياڳي قربانين جو ڏيکاءَ ڪن ٿا اُهي پاپ جي جوڻ آهن، اُهيئي منشن ۾ سوارٿي، پاکنڊي، هينئين درجي جا ۽ ڪُڪرمين کي مان نرڪ ۾ ڪيرايان ٿو. اُنهن کي هتي چوندا آهن تہ اُنهن کي پيانڪ آسُري جوڻين ۾ ڪيرايان ٿو. اهوئي نرڳہ آهي. ساڌارڻ جيل جي سزا ڀينڪر ٿيندي آهي ۽ هتي هميشهہ آسُري جوڻين ۾ ڪرڻ جو سلسلو ڪيترو دکدائي آهي. هاڻي دَئوي سَمپد جي لاءِ ڪوشش ۾ رهڻ گهرجي.
आसुरीं योनिमापन्ना मूढा जन्मनि जन्मनि।
मामप्राप्यैव कौन्तये ततो यान्त्यधमां गतिम्।।२०।।
”آسُريِمِ يونيماپَنا موڙها جَنِمَني جنمني
مامَپراپِيَئيوَ ڪؤنيتيہ تَتوَ يانِتيَڌمامِ گَتِمِ (٢٠)

ڪؤنتييہ ! مورکہ منش جنم جنمانترن تائين آسُري جوڻ کي پراپت ٿي مونکي نہ پراپت ٿي پهرئين کان بہ اَتي نيچ گتيءَ کي پراپت ٿين ٿا، جنهنجو نالو نَرِڪُ آهي. هاڻي ڏسون تہ نرڪ جو بنياد ڇا آهي؟
त्रिविधं नरकस्येदं द्वारं नाशनमात्मनः।
कामः क्रोधयस्तथा लोभस्तस्मादेरत्त्रयं त्यजेत्।।२१।।

”تِرِوِڌَمَ نَرَڪَسِييدَمِ دوارمِ ناشَنَماتِمَنَهہ
ڪامَهہ ڪِروڌَيستتا لوڀَسِتَسماد يرتتريَمِ تِيَجين “ (٢١)

ڪام، ڪروڌ ۽ لوڀ هي ٽن پرڪارن جا نرڪ جا مول دوار آهن. هي آتما جو ناس ڪرڻ وارا، اُن کي اڌوگتيءَ ۾ وٺي وڃڻ وارا آهن. تنهن ڪري انهن ٽنهي کي تياڳي ڇڏڻ گهرجي. انهن ٽنهي تي آسُري سمپد ٽڪيل آهي. ان کي تياڳڻ مان لاڀ؟

एतैर्विमुक्त: कौन्तेय तमोद्वारैस्त्रिभिर्नर:।
आचरत्यात्मन: श्रेयस्ततो याति परां गतिम्।।२२।।

”ايتَئيرِ وِمُڪتَهہ ڪؤنتييَہ تَمودُوارَئيسِترِڀِيِنَرَهہ
آچَرَتياتمَنَهہ شِريَسِتَتوياتي پَرامِ گَتِمِ “ (٢٢)

ڪؤنتيَہ! نرڪ جي انهن ٽن دوارن کان مڪت ٿيل پرش پنهنجي پرم ڪلياڻ جي لاءِ آچرڻ ڪري سگهي ٿو، جنهن ۾ هو پرم گتي معنيٰ مونکي پراپت ٿئي ٿو. انهن ٽنهي وڪارن کي تياڳڻ سان ئي منش مقرر ڪرم ڪري ٿو، جنهنجو ڦل پرم لاڀ آهي.

य: शास्त्रविधिमुत्सृज्य वर्तते कामकारत:।
न स सिद्धिमवाप्नोति न सुखं परां गतिम्।।२३।।

”يَهہ شاسِترَ وِڌي مُتِسرِجيَہ وَرِتَتي ڪامَ ڪارَ تَهہ
نَہ سَ سِڌِيمَواپنوتي نَہ سُکمِ نَہ پَرامِ گَتِمِ “ (٢٣)

جو پرش مٿي چيل شاستر وڌيءَ کي تياڳي (اُهو شاستر ڪو ٻيو ڪونهي ”اِتي گُهيَيَتَمَمِ شاسِترَمِ “ (١٥-٢٠) گيتا خود پورڻ شاستر آهي، جا شري ڪرشڻ پاڻ ٻڌائي آهي اُن وڌيءَ کي تياڳي) جيڪو پنهنجي اڇا سان وَرتي ٿو، اُهو نہ سِڌيءَ کي پراپت ٿئي ٿو، نہ پرم گتيءَ

جي طرف ۽ نه سگهه ڪي ئي پراپت ٿئي ٿو.

तस्माच्छास्त्रं प्रमाणं ते कार्याकार्यव्यवस्थितौ।
ज्ञात्वा शास्त्रविधानोक्तं कर्म कर्तुमिहार्हसि।।२४।।

”تَسِماچڇاسِترَم پرَماڻَم تي ڪارياڪاريويَوَسِٿِتَئوُ
گِياتِواشاسِترَ وِڌانوڪِتَم ڪَرمَ ڪَرِ توُمِهارِهَسي “ (٢٤)

تنهن ڪري ارجن! تنهنجي لاءِ هن ڪرتويه ۽ اڪرتويه جي ويوسٿا ۾ ڇا ڪريان، نه ڪريان انهي ويوسٿا ۾ شاستر ئي هڪ ثبوت آهي. ائين ڄاڻي شاستر وِڌيءَ سان مقرر ٿيل ڪرم کي ڪرڻ تنهنجي لاءِ يوگيه آهي.

اڌياءَ ٽئين ۾ به يوگيشور شري ڪرشڻ ”نِيَتَم ڪُرو ڪَرمَ تُوَم“ مقرر ڪرم تي زور ڏنو ۽ ٻڌايو ته يگيه جي پرڪريا ئي نيَت ڪرم آهيءِ اُها يگيه آراڌنا جي خاص وڌي جو چترڻ آهي، جو من کي هر طرف کان وَس ڪري پوتر برهم ۾ پرويش ڏياري ٿو. هتي هنن ٻڌايو ته ڪام، ڪروڌ ۽ لوڀ نرڪ جا ٽي خاص دوار آهن. انهن ٽنهي کي تياڳڻ سان ئي ڪرم جو (مقرر ڪرم جو) آرنڀ ٿئي ٿو، جنهن کي مون ور ور ڪري چيو، جو پرم شريه پرم ڪلياڻ ڏيارڻ وارو آچرڻ آهي، وهنوار آهي. ٻاهر سنسارڪ ڪمن ۾ جو جيترو مشغول آهي، اوترو ئي وڏيڪ ڪام، ڪروڌ ۽ لوڀ هن وٽ سڄيل ملن ٿا. ڪرم ڪا اهڙي وستو نه آهي. هاڻي ڪام ڪروڌ ۽ لوڀ کي تياڳي ڇڏڻ سان ئي اُن پرويش (داخلا) ملي ٿي، ڪرم وهنوار ۾ ڍلجي پوي ٿو. جو اُن ۾ وڌيءَ کي تياڳي پنهنجي اڇا سان آچرڻ ڪري ٿو، اُن لاءِ سک سِڌي يا پرم گتي ڪجهه به نه آهي. هاڻي ڪَرتويه ۽ اڪرتويه جي ويوسٿا ۾ شاستر ئي فقط هڪڙو

ثبوت آهي، سچو آهي، اصل آهي. باقي شاستر وِڌيءَ جي انوسار توکي ڪرم ڪرڻ چڱو آهي ۽ اُهو شاستر آهي ”گيتا“

تاتپرج :-

هن اڌياءَ جي شروعات ۾ يوگيشور شري ڪرشڻ ڏَئوي سمپد جو وستار سان ورڻن ڪيو. جنهن ۾ ڌيان ۾ استٿي، سَپ جو سمرپڻ، انتهڪرڻ جي شڌي، اندرين کي جيتڻ، من کي روڪڻ، سوروپ جو سمرڻ ڌيارڻ وارو اڌيين (اڀياس) يگيہ لاءِ ڪوشش، من سهت اندرين کي تپائڻ، اڪروڌي، چت جي شانت پرواهت رهڻ وغيره ڇوويهہ لڪشڻ ٻڌايا. جيڪي سڀ جا سڀ تہ اِشٽ جي ويجهو پهتل يوگہ ساڌنا ۾ پرورت ڪنهن ساڌڪ ۾ ئي ممڪن آهن. انش جي روپ ۾ سيني ۾ آهن.

تنهن کانپوءِ هنن آسُري سمپد ۾ مکيہ چار ڇهہ وڪارن جا نالا ورتا ؛ جيئن ايمان، پاکنڊ، ڪنورتا، اگيان وغيره ۽ انت ۾ فيصلو ڏنو تہ ارجن! ڏَئوي سمپد تہ ”وِموکشايہ“ پورڻ نورتيءَ لاءِ آهي، پرم پد جي پراپتي جي لاءِ آهي ۽ آسُري سَمپد ٻنڌن ۽ اڌوگتي جي لاءِ آهي. ارجن! تون شوڪ نہ ڪر؛ ڇاڪاڻ تہ تون ڏَئوي سمپد کي پراپت ٿيو آهين.

هي سمپدائون ٿينديون ڪٿي آهن ؟هنن ٻڌايو تہ هن لوڪ ۾ منشن جو سڀاءَ ٻن پرڪارن جا ٿيندا آهن. ديوتائن جهڙو ۽ آسُرن جهڙو. جڏهن دئوي سمپد وڌيڪ هوندو آهي، تہ منش ديوتائن جهڙو ٿيندو آهي. جڏهن آسُري سمپد وڌيڪ هوندو آهي، تہ منش آسرن جهڙو آهي. سرشٽيءَ ۾ بس منشن جون ٻہ ئي جاتيون آهن. چاهي هو

ڪٿي به پيدا ٿيو هجي. ڪجهه به چوائيندو هجي، تنهن ڪانپوءِ هن آسري سڀاءَ وارن منشن جا لڪشڻ وستار سان ٻڌايا. آسري سمپد کي پراپت پرش ڪرتويه ڪرم ۾ پرورت ٿيڻ نٿو ڄاڻي ۽ اڪرتويه ڪاريه کان نورت ٿيڻ نٿو ڄاڻي. هو ڪرم ۾ پرورت ئي نه ٿيو ته هن ۾ ستيه ٿيندو آهي، نه شڌي ۽ نه آچرڻ ئي هوندو آهي. هن جي ويچار ۾ جڳت آڌار کان رهت، بنا ايشور جي پنهنجو پاڻ استري پرش جي ميلاپ سان اُتپن ٿيو آهي، هاڻي صرف ڀوڳ ڀوڳڻ جي لاءِ آهي. هن کان اڳيان ڇا آهي؟ هيءُ ويچار ڪرشڻ ڪال ۾ به هو سدائين رهيو آهي. ڇئن ماڻهن چيو هجي اهڙي ڳالهه نه آهي جيستائين ماڻهن ۾ دئوي آسري سمپد جو چڙهڻ لهڻ آهي تيستائين رهندو. شري ڪرشڻ چون ٿا، اُهي مَندِ ٻڌيءَ وارا پرش سڀني جو اڪلياڻ ڪرڻ جي لاءِ ئي جڳت ۾ پيدا ٿين ٿا. هو چون ٿا منهنجي دواران هيءُ شترو ماريو ويو، اُن کي ماريندس. ان طرح ارجن! ڪام ڪروڌ جي آسري اُهي پرش شترن کي نٿا مارين بلڪ پنهنجي ۽ ٻين جي شرير ۾ اسٿت مون پرماتما سان دويش ڪرڻ وارا آهن. ته ڇا ارجن پڙُنُ ڪري جئدرٿ وغيره کي ماريو؟ جيڪڏهن ماري ٿو ته آسري سمپد وارو آهي، اُن پرماتما سان دويش ڪرڻ وارو آهي؛ جڏهن ته ارجن کي شري ڪرشڻ صاف چيو ته تون دَئوي سمپد کي پراپت ٿيو آهين. شوڪ نه ڪر هتي به صاف ٿيو ته ايشور جو نواس سڀ ڪنهن جي هردي ۾ آهي. ياد رکڻ گهرجي ته ڪير توکي سدائين ڏسي رهيو آهي. هاڻي سدائين شاسترن ۾ ٻڌايل ڪريا جو ئي آچرڻ ڪرڻ

گهرجي نہ تہ ڏنڊ، سزا حاضر آهي.

يوگيشور شري ڪرشڻ وري چيو تہ آسري سڀاءُ وارن ڪروُر منشن کي مان نرڪ ۾ وري وري ڪيرايان ٿو.

نرڪ جو سوروپ ڇا آهي؟ تہ ٻڌايائون وري وري نيچ اڌم جوڻين ۾ ڪِرڻ هڪ ٻئي جو پورڪ آهي، ساڳي ڳالهہ آهي. اهوئي نرڪ جو سوروپ آهي. ڪام، ڪروڌ ۽ لوڀ اهي ٽيئي نرڪ جا مول دوار آهن. انهن ٽنهي تي ئي آسري سمپد ٽڪيل آهي، بيٺل آهي. انهن ٽنهي کي تياڳڻ تي ئي اُن ڪرم جي شروعات ٿئي ٿي، جيڪا مون بار بار ٻڌائي آهي. سِڌ آهي تہ ڪرم ڪا اهڙي وستوُ نہ آهي، جنهنجو آرنڀ ڪام ، ڪروڌ ۽ لوڀ کي تياڳڻ سان ئي ٿئي ٿو.

سنسارڪ ڪمن ۾، مريادا ڍنگہ سان سماجڪ اوستائن جو نرواهہ ڪرڻ ۾ بہ جي جيترا رُڌل آهن ڪام ڪروڌ لوڀ اُنهن وٽ اوترا وي وڏيڪ سڄايل ملن ٿا. حقيقت ۾ انهن ٽنهي کي تياڳڻ سان ئي پرم ۾ پرويش ڏيارڻ وارا مقرر ٿيل ڪرم ۾ داخلا ملي ٿي. تنهنڪري مان ڇا ڪريان. ڇا نہ ڪريا؟ ان ڪرتويہ ۽ اڪرتويہ ۾ شاستر ئي ثبوت آهي. ڪهڙو شاستر؟ هيءُ ئي گيتا شاستر؛ ڪِمَنِيَئي شاستر وِستَرَئي ڪہ`` تنهن ڪري هن شاستر دواران مقرر ٿيل ڪرم - خاص (يگيارٿ ڪرم) کي ئي تون ڪر.

هن اڏياءَ ۾ يوگيشور شري ڪرشڻ دَئوي ۽ آسري ٻنهي سمپدائن جو وستار سان ورڻن ڪيو. اُنجو آستان ماذَوَ هرديہ ٻڌايو، ان جوقل ٻڌايو - هاڻي

اوم تَتِ سَدِتي شريمد ڀگود گيتا سوُ پَنِشَتِسوُ برهم وِدِيايا ِم يوگشاستري شري ڪرشڻا رِجن سَمِوادي

”دَئِيوا سُرَ سمپدِ وڀاڳہ يوگو“ نام شو ڊشو ڌيايهہ ۱۱۱٦۱۱

ان طرح شريمد ڀڳوت گيتا روپي اُپنشد ايوَم برهم وديا ۽ يوگشاستر وشيہ شري ڪرشڻ ارجن جي سنواد ۾ ”دَئواسُر سمپد وڀاڳہ يوگہ“ نالي سورهون اڌياءَ پورو ٿيو.

اِتي شريمتپَرَم هنس پرمانندسيہ شِشيہَ سوامي اڙگڙانند ڪرتي شريمد ڀڳوتگيتايہ ”يٿارٿ گيتا ڀاشيي“ دَئواسر سمپد وڀاڳہ يوگو نام مشودشوڌياَهہ ۱۱۱٦۱۱

۱۱ هري اوم تَتِ سَتِ ۱۱